# قرآني سورتن جون فضيلتون

سنڌي


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلياس عطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: قرآني سورتن جون فضيلتون
ڇاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1442هه اَپريل 2021ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**
جو اُردو زبان ۾ رسالو

# قرآني سورتن جون فضيلتون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

### قرآني سورتن جون فضيلتون 1

دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
واهہ ڄاڳالهہ ڪجي عاشقِ قرآن جي ........ 2
هڪ حرف جون ڏهہ نيڪيون ........ 3
سورت الحشر جون آخري آيتون پڙهڻ جي فضيلت ........ 3
سورت الحشر جون آخري ٽي آيتون ........ 4
”ڪَرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان سوره بَقَره جي آخري آيتن جا چار فَضائل 4
رحمت جي چئن اکرن جي نسبت ........ 6
سان سورت فاتحہ جا 4 فضائل ........ 6
”رحمت“ جي چئن اکرن جي نسبت سان سوره ڪهف جا چار فضائل ... 7
”يٰسين شريف جا 16 فضائل ........ 8
”دعا“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان سورت دُخَان جا 3 فضائل ........ 12
”فتح“ جي ٽن اکرن جي نسبت ........ 12
سان سورت فتح جا 3 فضائل ........ 12
”رحمٰن“ جي چار اکرن جي نسبت ........ 13
سان سورت رحمٰن جا چار فضائل ........ 13
سورت واقع جا فضائل ........ 14
”مدني انعام“ جي نو اکرن جي نسبت سان ........ 15
سورت ملڪ جا 9 فضائل ........ 15
رمضان ۾ گناهہ ڪرڻ واري جي قبر جو پوائنٽو منظر ........ 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قرآني سورتن جون فضيلتون

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 21 صفحن جو رسالو ”قرآني سورتن جون فضيلتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي. اُن کي قيامت ۾ قرآنِ ڪريم جي شفاعت نصيب فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت ابوالمظفر محمد بن عبدالله خَيّام سمرقندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان هڪ ڀيرو رستو ڀلجي ويس، اوچتو هڪ صاحب نظر آيو ۽ ان چيو: ”مونسان گڏ هلو.“ مان ان سان گڏ هلي پيس مونکي گمان ٿيو ته هي حضرت خضر عَلَيه السّلَام آهن. منهنجي پڇڻ تي انهن پنهنجو نالو ٻڌايو، انهن سان هڪ ٻيو بزرگ به هيو، مون ان جو نالو پڇيو ته فرمايائون: هي الياس(عَلَيه السّلَام) آهن. مون عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان تي رحمت فرمائي، ڇا توهان ٻنهي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي آهي؟ انهن فرمايو: هائو. مون عرض ڪيو: نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌل ارشاد پاڪ ٻڌايو ته جيئن مان توهان کان روايت ڪري سگهان. انهن فرمايو ته اسان رسولِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو فرمائيندي ٻڌو ته جيڪو شخص مون تي درودِ پاڪ پڙهي اُن جي دل نفاق کان اهڙي طرح پاڪ ڪئي ويندي آهي جهڙي طرح پاڻي سان ڪپڙو صاف ڪيو ويندو آهي. پڻ جيڪو شخص ”صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد“ پڙهندو

آهي تہ پنهنجي مٿان رحمت جا 70 دروازا کولي ڇڏيندو آهي. (القول البديع، ص 277، جذب القلوب، ص 235)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## واھ ڇا ڳالھ ڪجي عاشقِ قرآن جي

حضرتِ ثابِت بُناني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو ھڪ ڀيرو قرآن پاڪ ختم فرمائيندا ھئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سدائين ڏينھن جو روزو رکندا ۽ سڄي رات عبادت ڪندا ھئا، جنھن مسجد وٽان لنگھندا ھئا ان ۾ بہ رڪعتون "تَحِيَّةُ المسجِد" ضرور پڙھندا ھئا. تحديثِ نعمت طور فرمائن ٿا: مون جامع مسجد جي ھر ٿنڀي(پيلر) وٽ قرآن شريف جو ختم ڪيو ۽ الله پاڪ جي بارگاھ ۾ گريہ و زاري ڪئي آھي. نماز ۽ تِلاوت سان ڪين خصوصي محبت ھئي، سندن تي اھڙو تہ ڪرم ٿيو جو رشڪ اچي ٿو، جيئن تہ وفات کان پوءِ تدفين جي دوران اچانڪ ھڪ سِر قبر اندر ڪري پئي، ماڻھو سِر ڪڍڻ جي لاءِ جڏھن جھڪيا تہ اھو ڏسي حيران ٿي ويا تہ پاڻ قبر ۾ بيھي نماز پڙھي رھيا آھن! پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گھر وارن کان جڏھن پڇيو ويو تہ شھزادي صاحبہ ٻڌايو تہ بابا سائين روزانو دعا ڪندا ھئا تہ: "ياالله! جيڪڏھن تون ڪنھن کي وفات کان پوءِ قبر ۾ نماز پڙھڻ جي سعادت عطا فرمائين تہ مونکي بہ ان سعادت سان نوازجانءِ. منقول آھي: جڏھن بہ ماڻھو سندن مزارِ پُر انوار جي ڀرسان گذرندا ھئا تہ قبر مبارڪ مان تلاوت جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو ھو. (حلية الاولياء، ۲/ ۳۶۴- ۳۶۶ ملتقطاً و ملخصاً)

www.dawateislami.net

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

دہن میلا نہیں ہوتا بدن میلا نہیں ہوتا
خدا کے اولیا کا تو کفن میلا نہیں ہوتا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ حرف جون ڏهہ نيڪيون

قرآنِ مجيد، فرقانِ حميد الله ربُّ الانام جو مبارڪ ڪلام آهي، هن جو پڙهڻ پڙهائڻ ۽ ٻُڌڻ ٻڌائڻ سڀ ثواب جو ڪم آهي. قرآنِ پاڪ جو هڪ حرف پڙهڻ تي 10 نيڪين جو ثواب ملندو آهي، جيئن تہ الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو شخص ڪتاب الله جو هڪ حرف پڙهندو، ان کي هڪ نيڪي ملندي جيڪا ڏهن نيڪين جي برابر هوندي. مان اهو نٿو چوان الٓمّٓ هڪ حرف آهي، بلڪ الف هڪ حرف، لام هڪ حرف ۽ ميم هڪ حرف آهي. (ترمذي، جلد4 ص 417، حديث:2919)

تلاوت کی توفیق دیدے الٰہی
گناہوں کی ہو دور دل سے سیاہی

## سورت الحشر جون آخري آيتون پڙهڻ جي فضيلت

**حضرت** معقل بن يسار رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان مروي آهي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص صبح جي وقت تي

پيرا ”اَعُوْذُ بِاللهِ السَّمِيْعِ الْعَلِيْمِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم“ چوي. ۽ سورت حشر جون آخري ٽي آيتون پڙهي تہ اللہ پاڪ ان جي لاءِ ستر هزار فرشتا مقرر ڪري ڇڏيندو آهي جيڪي شام تائين ان جي لاءِ رحمت جي دعا ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن انهيءَ ڏينهن تي مري وڃي تہ شهيد ٿيندو. ۽ شام جو پڙهي تہ صبح تائين اها ئي فضيلت آهي. (سنن الترمذي، ج. 4، ص. 423، حديث 2931)

## سورت الحشر جون آخري ٽي آيتون

هُوَ اللّٰهُ الَّذِیْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ الْغَیْبِ وَ الشَّهَادَةِ ۚ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِیْمُ ﴿۲۲﴾ هُوَ اللّٰهُ الَّذِیْ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَیْمِنُ الْعَزِیْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا یُشْرِكُوْنَ ﴿۲۳﴾ هُوَ اللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ الْاَسْمَآءُ الْحُسْنٰى ؕ یُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ۚ وَ هُوَ الْعَزِیْزُ الْحَكِیْمُ ﴿۲۴﴾

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”ڪَرم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان سوره بقَره جي آخري آيتن جا چار فضائل

﴿1﴾ حضرت نعمان بن بشير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اللہ پاڪ زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪرڻ کان بہ هزار سال پهريان هڪ ڪتاب لکيو پوءِ ان ۾

**سوره بقره** جون آخري ٻہ آيتون نازل فرمايون، جنهن گهر ۾ ٽي راتيون هن ٻن آيتن کي پڙهيو ويندو شيطان ان گهر جي ويجهو نہ ايندو.
(سنن الترمذي، ج. 4، ص. 404، الحديث 2891)

﴿2﴾ **حضرت ابو ذر غفاري** رضي الله عنه **کان روايت آهي تہ** سرورِ **ڪائنات** صلى الله عليه واله وسلم **جن فرمايو: "بيشڪ الله پاڪ مونکي پنهنجي عرش جي هيٺين خزانن مان اهڙيون ٻہ آيتون عطا فرمايون آهن جنهن جي ذريعي سوره بقره جو اختتام فرمايو، هن کي سکو ۽ پنهنجي عورتن ۽ ٻارن کي سيکاريو بيشڪ اها نماز ۽ قرآن ۽ دعا آهي.**
(المستدرڪ، ج. 2، ص. 268، الحديث 2110)

﴿3﴾ **حضرت ابومسعود** رضي الله عنه **کان روايت آهي تہ حضور پاڪ** صلى الله عليه واله وسلم **جن فرمايو: "جيڪو ماڻهو (سوره) بقره جون آخري ٻہ آيتون رات ۾ پڙهندو اُهي هن کي ڪفايت ڪنديون."** (صحيح البخاري، ج. 3، ص. 405، حديث 5009)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سوره بقره جون ٻہ آيتون ڪفايت ڪرڻ مان مراد اهو آهي تہ اهي ٻہ آيتون ان رات قيام (رات جي عبادت) جي قائم مقام ٿي وينديون يا اُن رات هن کي شيطان کان محفوظ رکنديون. هڪ قول هي بہ آهي تہ ان رات نازل ٿيڻ وارين بلائن کان بچائينديون يا ان کي فضيلت ۽ ثواب جي لاءِ ڪافي ٿي وينديون.

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَ الْمُؤْمِنُوْنَ ؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ
مَلٰٓىٕكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ ۫ لَا نُفَرِّقُ بَيْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ ۫ وَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ
اَطَعْنَا ٭ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَ اِلَيْكَ الْمَصِيْرُ ﴿۲۸۵﴾ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ

لَهَا مَا كَسَبَتْ وَعَلَيْهَا مَا اكْتَسَبَتْ ؕ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَآ اِنْ نَّسِيْنَآ
اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تَحْمِلْ عَلَيْنَآ اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ
قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَلَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَاعْفُ عَنَّا ۥ وَقفة وَاغْفِرْ لَنَا ۥ وَقفة وَ
ارْحَمْنَا ۥ وَقفة اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۲۸۶﴾ ع

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رحــمــت جي چئن اکرن جي نسبت
## سان سورت فاتــحــ جا 4 فضـائل

﴿1﴾ **حضورِ پاڪ** صاحبِ لولاڪ، سياحِ افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ سورت فاتحہ هر مرض جي دوا آهي هن سورت جو هڪ نالو ”شافيہ“ ۽ هڪ نالو ”**سورت الشفاء**“ آهي ان ڪري جو هيءَ هر مرض جي لاءِ شفا آهي. (سنن الدارمي، حديث 3370 ج 2 ص 538 حاشية الصاوي الفاتحة ج 1 ص 13)

﴿2﴾ 100 ڀيرا سوره فاتحہ پڙهي ڪري جيڪا بہ دعا گهري وجي ان کي اللّٰہ پاڪ قبول فرمائيندو آهي. (جنتي زيور ص 587)

﴿3﴾ **بزرگن فرمايو** آهي تہ فجر جي سنّتن ۽ فرض جي وچ ۾ 41 ڀيرا سورت فاتحہ پڙهي ڪري مريض تي دم ڪرڻ سان آرام ملي ويندو آهي ۽ اک جو سُور تمام جلدي صحيح ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ايترو پڙهي ڪري پنهنجي ٿُڪ اکين ۾ لڳائي تہ تمام گهڻو مفيد آهي.

(جنّتی زيور، ص587)

# ”رحمت“ جي چئن اکرن جي نسبت سان
# سوره ڪهف جا چار فضائل

﴿1﴾ حضرت **براء** بن عازب رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا ته هڪ شخص سورت ڪهف جي تلاوت ڪري رهيو هو، ان جي گهر ۾ هڪ جانور ٻڌل هو يڪدم اهو جانور ٽپ ڏيڻ لڳو ان ماڻهوءَ ڏٺو ته هڪ ڪڪر ان کي ڍڪي رکيو آهي ان شخص حضورِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ان واقعي جو ذڪر ڪيو ته پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو. اي فلاڻا! تلاوت ڪندو ڪر، جو اِهو سڪينو (**دل جي تسڪين**) آهي جيڪو قرآن جي تلاوت ڪرڻ وقت نازل ٿيندو آهي. (مسلم،ص311، حديث:1857)

﴿2﴾ حضرت معاذ بن انس جُهني رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته **رسول الله** صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو **سورت ڪهف** جي شروع ۽ آخر کان تلاوت ڪندو ان جي مٿي کان پيرن تائين نور ئي نور هوندو ۽ جيڪو ان جي مڪمل تلاوت ڪندو ان جي لاءِ آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ نور هوندو. (المسند امام احمد بن حنبل، ج. 5، ص. 311، الحديث 15626)

﴿3﴾ حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو جُمعي جي ڏينهن **سورت ڪهف** پڙهي ان جي لاءِ ٻن جمعن جي وچ ۾ هڪ نور روشن ڪيو ويندو آهي.“ هڪ روايت ۾ آهي: ”جيڪو جمعي جي رات جو پڙهي ان جي ۽ بَيتُ الۡعَتِيق (**يعني ڪعبة الله شريف**) جي وچ ۾ هڪ نور روشن ڪيو ويندو آهي.“ (شعب الايمان،474/2، حديث:2444)

﴿4﴾ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤف

رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو سورت ڪهف جون پهريون 10 آيتون ياد ڪندو (اهو) دجال (جي فتني) کان محفوظ رهندو ۽ هڪ روايت ۾ آهي جيڪو سورت ڪهف جون **آخري ڏهه آيتون** ياد ڪندو اهو دجال کان محفوظ رهندو. (صحيح مسلم، ص. 404، حديث 809)

## يٰسين شريف جا 16 فضائل

﴿1﴾ حضرت **معقل بن يسار** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي پياري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: **سورت يٰسين** قرآن شريف جي دل آهي جيڪو هن کي الله پاڪ جي رضا ۽ آخرت جي بهتري لاءِ پڙهندو ان جي مغفرت ڪئي ويندي. (مسند امام احمد،286/7،حديث:20322 ملتقطا )

﴿2﴾ خادمِ نبي **حضرت انس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بيشڪ هر شيءِ جي هڪ دل آهي ۽ قرآن شريف جي دل **سورت يٰسين** آهي. ۽ جيڪو هڪ ڀيرو **سورت يٰسين** پڙهندو ان جي لاءِ ڏهه ڀيرا قرآن شريف پڙهڻ جو ثواب لکيو ويندو. (سنن الترمذي حديث 2896 ج 4 ص 406)

﴿3﴾ حضرت **ابن عباس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: منهنجي خواهش آهي ته **سورت يٰسين** منهنجي امت جي هر ماڻهوءَ جي دل ۾ هجي. (تفسير در منثور،38/7)

﴿4﴾ حضرت **انس** رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته حضورِ اڪرم، رسولِ محتشم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو شخص هميشه هر رات يٰسين شريف جي تلاوت ڪندو رهيو پوءِ مري ويو ته اهو شهيد ٿي مرندو. (تفسير در منثور،38/7)

﴿5﴾ حضرت **عطاء** بن ابو رباح تابعي رضي الله عنه کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ صلى الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو: جيڪو ماڻهو ڏينهن جي ابتدا ۾ **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪندو ان جون سڀئي حاجتون پوريون ڪيون وينديون. (تفسير در منثور،38/7)

﴿6﴾ حضرت **ابن عباس** رضي الله عنهما فرمائن ٿا: جيڪو شخص صبح جي وقت **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪري ان ڏينهن جي آساني ان کي شام تائين عطا ڪئي وئي ۽ جنهن شخص رات جي ابتدا ۾ هن جي تلاوت ڪئي ان کي صبح تائين ان رات جي آساني ڏني وئي. (الدرالمنثور ج 7 ص 38)

﴿7﴾ حضرت **ابو درداء** رضي الله عنه کان روايت آهي تہ **حضور** صلى الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو: جنهن مرڻ واري جي ويجهو **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي ويندي آهي. الله پاڪ ان تي (**ان جي روح قبض ڪرڻ ۾**) نرمي فرمائيندو آهي. (تفسير در منثور،38/7)

﴿8﴾ حضرت **ابو قلابہ** رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: جنهن **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي، ان جي بخشش ٿي ويندي ۽ جنهن ڪاڌي جي وقت ان جي گهٽ هئڻ جي حالت ۾ تلاوت ڪئي تہ اهو ڪيس ڪافي ٿي ويندو ۽ جنهن بہ ڪنهن مرڻ واري وٽ ان جي تلاوت ڪئي تہ **الله** پاڪ (**ان تي**) موت جي وقت نرمي فرمائيندو ۽ جنهن ڪنهن عورت وٽ ان جي ٻار جي ولادت جي تڪليف تي **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي ان تي آساني ٿيندي. ۽ جنهن هن جي تلاوت ڪئي ڄڻ تہ ان يارهن ڀيرا قرآن شريف جي تلاوت ڪئي ۽ هر شيءِ جي لاءِ دل آهي ۽ قرآن شريف جي دل **سورت يٰسين** آهي. (تفسيردرمنثور ج 7 ص 39)

﴿9﴾ حضرتِ ابو جعفر محمد بن علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي فرمائن ٿا: جيڪو ماڻهو پنهنجي دل ۾ سختي محسوس ڪري ته هو هڪ پيالي ۾ زعفران سان **يٰسين والقرآن الحکيم** لکي پوءِ ان کي پي ڇڏي. اِنۡ شَآءَاللّٰہ ان جي دل نرم ٿيندي. (الدرالمنثور ج 7 ص 39)

﴿10﴾ امير المؤمنين حضرت **ابوبڪر** صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن هر جمعي تي پنهنجي والدين، ٻنهي يا هڪ جي قبر جي زيارت ڪئي ۽ ان وٽ **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي ته الله پاڪ هر اکر جي بدلي ان جي بخشش ۽ مغفرت فرمائيندو آهي. (الدرالمنثور ج 7 ص 40)

﴿11﴾ حضرت **صفوان بن عمرو** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: مشائخ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم فرمائن ٿا: ته جڏهن توهان سڪرات واري ماڻهوءَ وٽ **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪندؤ ته ان تان موت جي سختي کي هلڪو ڪيو ويندو. (الدرالمنثور ج 7 ص 39)

﴿12﴾ حضرت **ابوهريره** رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي محبوب، داناءِ غيوب، منزه عن العيوب صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن جمعي جي رات **سورت يٰسين** جي تلاوت ڪئي ان جي مغفرت ڪئي ويندي. (الترغيب والترہيب،298/1، حديث:4)

﴿13﴾ حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قرآن شريف ۾ هڪ سورت آهي جنهن کي الله پاڪ وٽ عظيم چيو ويندو آهي ۽ ان جي پڙهڻ واري کي الله پاڪ وٽ شريف چيو ويندو آهي ان کي پڙهڻ

وارو قيامت جي ڏينهن **ربيعہ** ۽ **مضر** قبيلن کان وڌيک ماڻهن جي شفاعت ڪندو، اها **سورت يٰسين** آهي. (الدر المنثور، ج. 7، ص. 40)

﴿14﴾ **شيخ الحديث حضرت مولانا عبدالمصطفي اعظمي** رحمۃ اللہ علیہ "**جنتي زيور**" ص 594 تي **سورت يٰسين** پڙهڻ جون ڪوڙ ساريون برڪتون شمار ڪيون آهن. ﴿1﴾ بکايل ماڻهو هن کي پڙهي تہ خوشحال ڪيو ويندو. ﴿2﴾ اڃايل پڙهي تہ سيراب ٿئي. ﴿3﴾ مرد بغير زال وارو پڙهي تہ جلدي ان جي شادي ٿي وڃي. ﴿4﴾ بغير مڙس واري عورت پڙهي تہ جلدي شادي ٿي وڃي. ﴿5﴾ بيمار پڙهي تہ شفا ماڻي. ﴿6﴾ قيدي پڙهي تہ آزاد ٿي وڃي. ﴿7﴾ مسافر پڙهي تہ سفر ۾ الله پاڪ جي طرف کان مدد ٿئي. ﴿8﴾ غم وارو پڙهي تہ ان جا غم پري ٿي وڃن. ﴿9﴾ جنهن جي ڪا شيء وڃائجي وئي هجي اهو پڙهي تہ جيڪو وڃائجي ويو آهي اهو ملي وڃي. **سورت يٰسين** جي هڪ آيت سَلٰمٌ ۟ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ ﴿۵۸﴾ کي هڪ هزار چار سؤ اٺهتر ڀيرا پڙهو تہ اِنۡ شَآءَاللہ جنهن مقصد لاءِ پڙهندؤ اهو مقصد پورو ٿيندو خواه ديربي لڳن ٿا: هي مجرب آهي ۽ آيت سَلٰمٌ ۟ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ ﴿۵۸﴾ کي پنج جڳهن تي هڪ ڪاغذ تي لکي ڪري تعويذ ٻڌو تہ حادثن ۽ چور وغيره کان حفاظت رهندي. جيڪو شخص صبح جو **سورت يٰسين** پڙهندو تہ ان جو پورو ڏينهن ڀلو گذرندو ۽ جيڪو شخص رات جو پڙهندو ان جي پوري رات ڀلي گذرندي حديث شريف ۾ آهي تہ يٰسين قرآن شريف جي دل آهي. (جنتی زيور، ص 594،595)

## ”دعـــا“ جي ٿن اکرن جي نسبت
## سان سورت دُخَـــان جا 3 فضائل

﴿1﴾ **سرڪار مدينہ** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو ڪنهن رات ۾ **سورت دخان** پڙهندو تہ صبح ٿيڻ تائين ستر هزار فرشتا ان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا رهندا. (سنن الترمذي ج 4 ص 406 حديث 2897)

﴿2﴾ **نبي اڪرم** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو جمعي جي رات ۾ سورت دُخَان پڙهي ان جي مغفرت ڪئي ويندي.“ (سنن الترمذي ج 4 ص 407 حديث 2898)

﴿3﴾ **رسول الله** صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو جمعي جي ڏينهن يا رات ۾ سورت دُخَان پڙهندو الله پاڪ ان لاءِ هڪ گهر ٺاهيندو. (اَلْمُعْجَمُ الكَبِير ج 8 ص 264 حديث 8026)

## ”فتح“ جي ٿن اکرن جي نسبت
## سان سورت فتح جا 3 فضائل

﴿1﴾ **حديبيہ کان واپسيءَ** ۾ مڪہءِ مڪرمہ ۽ مدينہءِ منوره جي رستي ۾ هن سورت جو نزول ٿيو. جڏهن هيءَ سورت نازل ٿي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اڄ رات مون تي هڪ اهڙي سورت نازل ٿي آهي جيڪا مون کي دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ پياري آهي.“ (صحيح بخاري كتاب التفسير ج 3 ص 328 الحديث 4833)

﴿2﴾ **جنهن وقت رمضان شريف** جو چنڊ ڏٺو وڃي تہ **سورت فتح** کي ٽي ڀيرا پڙهڻ سان سڄو سال رزق ۾ ڪشادگي ٿيندي آهي، بيڙي

۾ سوار ٿيڻ وقت پڙهڻ سان ٻُڏڻ کان امن ۾ رهندو آهي. لڙائي ۽ قتلِ عام جي وقت لکي پاڻ وٽ رکڻ سان حفاظت ٿيندي آهي.

(جنتي زيور ص 596)

﴿3﴾ **دشمنن تي فتح حاصل** ڪرڻ لاءِ هن کي 21 ڀيرا پڙهو. جيڪڏهن رمضان شريف جو چنڊ ڏسي ڪري ان جي آڏو پڙهي وڃي ته اِنْ شَآءَاللّٰه سڄو سال امن رهندو. (جنتي زيور ص 596)

## "رحمٰن" جي چاراکرن جي نسبت سان سورت رحمٰن جا چار فضائل

﴿1﴾ **حضرت** علي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته مون حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اهو فرمائيندي ٻڌو ته "هرشيء جي لاءِ زينت (**سونهن**) آهي ۽ قرآن پاڪ جي سونهن سورت رحمٰن آهي." (الدر المنثور ج7 ص 690)

﴿2﴾ سرڪارِ دوجهان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: **سورت حديد، اذا وقعت الواقعه** ۽ **الرحمٰن** جي پڙهڻ واري کي زمين ۽ آسمان جي فرشتن ۾ "**ساڪن الفردوس**" (**جنت الفردوس جو رهڻ وارو**) سڏيو ويندو آهي. (الدر المنثور، ج. 7، ص. 690)

﴿3﴾ حضرت جابر بن عبدالله رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم، رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ سورت رحمٰن شروع کان آخر تائين تلاوت فرمايائون، ۽ سڀ خاموش رهيا پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: آئون توهان تي هي ڪهڙي خاموشي

ڏسي رهيو آهيان، مون اها سورت جنن جي ملاقات جي رات انهن تي تلاوت ڪئي تہ انهن توهان کان وڌيڪ خوبصورت ۽ حسين جواب ڏنو مان جڏهن بہ هن آيت تي پهتس فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ﴿۱۳﴾ تہ انهن چيو وَلَا بِشَيْءٍ مِنْ نِعَمِكَ رَبَّنَا نُكَذِّبُ فَلَكَ الْحَمْدُ يعني: **اي اسان جا رب اسين تنهنجي نعمتن مان ڪنهن بہ شيء تي نہ ٿا جهٽلايون، سڀ تعريفون تنهنجي لاءِ آهن.**

(الدر المنثور ج7 ص 690)

﴿4﴾ سُورت رَحْمٰن پارهن ڀيرا پڙهڻ سان هر مقصد پورو ٿيندو آهي پڻ هن سورت کي لکي کري ۽ ڌوئي کري طحال (**يعني تلي**) جي بيماري واري مريض کي پيارڻ گهڻو فائديمند آهي. (جنتي زيور ص 597)

## سورت واقعہ جا فضائل

﴿1﴾ **هي سورت** تمام گهڻي بابرڪت آهي. حضرت انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو. سورت واقعہ تونگري (**يعني خوشحالي**) جي سورت آهي هن کي پڙهو ۽ پنهنجي اولاد کي سيکاريو. (روح المعاني ج27، ص 183 )

﴿2﴾ **حضرت ابن مسعود** رَضِيَ اللهُ عَنْهُ **مرض الموت** ۾ مبتلا هئا حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ انهن جي عيادت جي لاءِ تشريف وٺي ويا ۽ انهن کي فرمائڻ لڳا تہ جيڪڏهن آئون توکي خزاني مان ڪجهہ عطا ڪريان تہ ڪيئن آهي؟ انهن فرمايو: مون کي ان جي ڪا ضرورت ناهي. حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو بعد ۾ توهان جي نياڻين کي ڪم ۾ ايندو. ابن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ چيو: توهان منهنجي نياڻين جي متعلق فقر و فاقہ

ڪان ڊڄو ٿا مون انهن کي حڪم ڏنو آهي تہ اهي هر رات **سورت واقعہ** پڙهنديون رهن. مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هي فرمائيندي ٻڌو آهي تہ جيڪو ماڻهو هر رات **سورت واقعہ** پڙهندو اهو ڪڏهن **تنگدستيءَ** ۾ مبتلا نہ ٿيندو. (تاريخ مدينة دمشق، 187/33 ، ملتقطا)

## ”مدني انعام“ جي نَوَ اڪرن جي نسبت سان

## سورت ملڪ جا 9 فضائل

﴿1﴾ حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”بيشڪ قرآن ۾ 30 آيتن تي مشتمل هڪ سورت آهي جيڪا پنهنجي پڙهڻ واري لاءِ شفاعت ڪندي رهندي ايستائين جو ان جي مغفرت ڪئي ويندي اها ”تَبٰرَكَ الَّذِیْ بِیَدِهِ الْمُلْكُ“ آهي“. (ترمذي ج 4 ص 408 حديث 2900)

﴿2﴾ **حضرت انس** رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قرآن شريف ۾ هڪ سورت آهي جيڪا پنهنجي پڙهڻ واري جي باري ۾ جهڳڙو ڪندي ايستائين جو ان کي جنت ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندي ۽ اها هي ئي سورت مُلڪ آهي. (معجم اوسط، 2 / 401، حديث: 3654 ملتقطا)

﴿3﴾ **حضرت عبدالله** بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ: جڏهن ٻانهو قبر ۾ ويندو تہ عذاب ان جي پيرن جي پاسي کان ايندو تہ ان جا پير چوندا تنهنجي لاءِ مون واري پاسي کان ڪو رستو نہ آهي ڇوتہ هي رات ۾ سورت مُلڪ پڙهندو هو پوءِ وري عذاب ان جي سيني يا پيٽ ڏانهن

ايندو تہ اهو چوندو تہ تنهنجي لاءِ مون واري پاسي کان ڪو رستو نہ آهي ڇو جو هي رات جو سورت ملڪ پڙهندو هو، پوءِ وري ان جي مٿي جي طرف کان ايندو تہ مٿو چوندو تہ تنهنجي لاءِ منهنجي پاسي کان ڪو رستو نہ آهي ڇو جو هي رات جو سورت ملڪ پڙهندو هو.“ تہ هي سورت روڪڻ واري آهي، عذابِ قبر کان روڪيندي آهي تورات ۾ ان جو نالو سورَت مُلْك آهي جيڪو ان کي رات ۾ پڙهندو آهي ڏاڍو سٺو ۽ ڀلو عمل ڪندو آهي.“ (مستدرڪ ج 3 ص 322 حديث 3892)

﴿4﴾ **حضرت ابن عباس** رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ قبر تي پنهنجو خيمو لڳايو پر ان کي اها خبر نہ هئي تہ هتي قبر آهي. اچانڪ ان کي خبر پئي تہ هي هڪ قبر آهي جنهن ۾ هڪ ماڻهو سورت ملڪ پڙهي رهيو آهي ايستائين جو ان پوري سورت ختم ڪئي. (جڏهن) اهو صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين **يارسول الله** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون اڻ واقفي ۾ هڪ قبر تي خيمو کوڙيو اچانڪ مون کي خبر پئي تہ هي هڪ قبر آهي ۽ ان ۾ هڪ ماڻهو سورت ملڪ پڙهي رهيو آهي ايستائين جو ان سورت ملڪ مڪمل ڪري ورتي.“ **رسول الله** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اها ئي روڪڻ واري آهي، اها ئي نجات ڏيارڻ واري آهي، جنهن ان کي قبر جي عذاب کان محفوظ رکيو. (سنن الترمذي ج 4 ص 407 حديث 2899)

﴿5﴾ حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي تہ منهنجي

خواهش آهي تہ تَبٰرَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ هر مؤمن جي دل ۾ هجي. (كنزالعمال ج 1 ص 291 حديث 2645)

﴿6﴾ چنڊ ڏسي هن کي پڙهيو وڃي تہ مهيني جي 30 ڏينهن تائين هو سختين کان اِنْ شَآءَالله محفوظ رهندو ڇاڪاڻ تہ هي 30 آيتون آهن ۽ 30 ڏينهن لاءِ ڪافي آهن. (تفسير روح المعانى ،6/29)

﴿7﴾ حضرت ابن عباس رَضِىَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ پياري پياري آقا، مکي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بيشڪ مون قرآن شريف ۾ 30 آيتن جي هڪ سورت ڏٺي آهي جيڪو سمهڻ وقت هن (سورت) جي تلاوت ڪري ان لاءِ 30 نيڪيون لکيون وينديون ۽ ان جا 30 گناهہ مٽايا ويندا ۽ ان جا 30 درجا بلند ڪيا ويندا. الله رَبُّ الْعِزَّت پنهنجي فرشتن مان هڪ فرشتي کي ان ڏانهن موڪليندو تہ جيئن اهو ان تي پنهنجا پر وڇائي ۽ ان جي هر شيءِ کان جاڳڻ تائين حفاظت ڪري ۽ هيءَ مجادلہ (يعني جهڳڙو) ڪرڻ واري آهي پنهنجي پڙهڻ واري جي مغفرت لاءِ قبر ۾ جهڳڙو ڪندي ۽ اها "تَبٰرَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" آهي. (الدرالمنثور ج 8 ص 233)

﴿8﴾ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جو آرام فرمائڻ کان پهريان سورت ملڪ ۽ الم تنزيل، السجده تلاوت فرمائيندا هئا. (تفسير روح البيان، ج10 ،ص 98)

﴿9﴾ حضرت ابن عباس رَضِىَ اللهُ عَنْهُمَا هڪ ماڻهو کي فرمايو: ڇا مان توکي هڪ حديث تحفي جي طور تي نہ ڏيان جنهن سان تون خوش ٿي وڃين، ان عرض ڪيو بيشڪ! تہ پاڻ رَضِىَ اللهُ عَنْهُ جن فرمايو، هي سورت پڙهو، تَبٰرَكَ الَّذِىْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ ۽ هي سورت پنهنجي اهل ۽ عيال پنهنجي سيني

بارن، پنهنجي گهر جي ٻارن ۽ پنهنجي پاڙي وارن کي سيکاريو (**انهن کي هن جي تعليم ڏيو**) ڇاڪاڻ تہ هي نجات ڏيارڻ واري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ پنهنجي رب وٽ جهڳڙو ڪرڻ واري آهي. ۽ هيءَ ان کي ڳوليندي تہ جيئن ان کي جهنم جي عذاب کان نجات ڏياري. ۽ ان جي برڪت سان هن جي تلاوت ڪندڙ عذاب کان بہ نجات حاصل ڪندو. (الدرالمنثور ج 8 ص 231)

## رمضان ۾ گناهہ ڪرڻ واري جي قبر جو ڀوائتو منظر

هڪ ڀيري امير المؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، عليُّ الْمرتضيٰ، شيرِ خدا كَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم قبرن جي زيارت لاءِ ڪوفي جي قبرستان تشريف وٺي ويا. اتي هڪ تازي قبر تي نظر پئي. ڪين ان جا حالات معلوم ڪرڻ جي خواهش ٿي. سو بارگاهِ خُداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض گذار ٿيا. ياالله هن ميّت جا حالات مون تي منڪشف (يعني ظاهر) فرماءِ. الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سندن التجا هڪدم ٻُڌي وئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندن ۽ ان مُردي جي وچ ۾ جيترا پردا رڪاوٽ بڻيل هئا سيئي هٽايا ويا هاڻي هڪ قبر جو ڀوائتو منظر سندن آڏو هو، ڇا ٿا ڏسن تہ مُردو باهہ ۾ وَڪوڙيل آهي ۽ روئي روئي ڪين هيئن فرياد ڪري رهيو آهي:

يَاعَلِيُّ! اَنَا غَرِيْقٌ فِي النَّارِ وَحَرِيْقٌ فِي النَّارِ

**يعني**: "يا علي! كَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم مان باهہ ۾ ٻُڏل آهيان ۽ باهہ ۾ سڙي رهيو آهيان." قبر جي دهشت ناڪ منظر ۽ مُردي جي دردناڪ دانهن حيدرِ ڪرار كَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم کي بيقرار ڪري ڇڏيو. پاڻ كَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم

پنھنجي رحمت واري پروردگار جي دربار ۾ ھٿ کنيائون ۽ نھايت ئي عاجزي سان ان ميّت جي بخشش جي لاءِ درخواست پيش ڪيائون. غيب مان آواز آيو .”اي علي (كَرَّمَ اللّٰهُ وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم) اوھان ھن جي سفارش نہ ئي فرمايو ڇو تہ روزا رکڻ جي باوجود ھي شخص رمضان المبارڪ جي بي حرمتي ڪندو ھو. رمضان المبارڪ ۾ بہ گناھن کان ڪونہ مُڙندو ھو. ڏينھن جو روزا تہ رکندو ھو پر راتين جو گناھن ۾ مُبتلا رھندو ھو. مولاءِ ڪائنات عليُّ المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم اِھو ٻُڌي ڪري ويتر غمگين ٿي ويا ۽ سجدي ۾ وڃي روئي روئي عرض ڪرڻ لڳا، يا الله عَزَّوَجَلَّ منھنجي لڄ تنھنجي ھٿ ۾ آھي. ھن ٻانھي وڏي اميد سان مون کي پڪاريو آھي منھنجا مالڪ! تون مون کي ھن جي آڏو رسوا نہ فرماءِ، ھن جي بيوسيءَ تي رحم فرماءِ ۽ ھن ويچاري جي بخشش فرماءِ. حضرت علي كَرَّمَ اللّٰهُ وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم روئي روئي مُناجات ڪري رھيا ھئا. الله جي رحمت جو درياءُ جوش ۾ اچي ويو ۽ ندا آئي، اي علي (كَرَّمَ اللّٰهُ وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم)! اسان تنھنجي شڪستہ دليءَ جي سبب ھن کي بخشي ڇڏيو. اھڙيءَ طرح ان مُردي تان عذاب کنيو ويو.

(انيس الواعظين ص25)

کیوں نہ مشکل کشا کہوں تم کو! تم نے بگڑی مری بنائی ہے

جيڪي ماڻھو روزو رکڻ جي باوجود گناھن جي صورتن تي مشتمل شطرنج، تاس، لوڊو، آئي پيڊ وغيره تي ويڊيو گيمز، فلمون ڊراما، گانا باجا، ڏاڙھي ڪوڙائڻ بغير عذرِ شرعي جي جماعت ترڪ ڪري ڇڏڻ بلڪ معاذالله نماز قضا ڪري ڇڏڻ، ڪوڙ، غيبت، چغلي، بدگماني، وعده خلافي، گار گند، بغير شرعي اجازت جي

مسلمانن کي ڏڪائڻ، ماءُ پيءُ جي نافرماني، وياج ۽ رشوت ڏيڻ وٺڻ، ڪاروبار ۾ ڌوڪو ڏيڻ وغيره وغيره برائين کان رمضان المبارڪ ۾ بہ نٿا مڙن انهن جي لاءِ بيان ڪيل حڪايت ۾ عبرت ئي عبرت آهي. رمضان شريف ۾ گناهن کان نہ مڙڻ وارا وڌيڪ بہ حڪايتون ملاحظہ فرمائن ۽ پاڻ کي الله پاڪ جي ناراضي کان ڊيڄارين.

(1) جنهن رمضان المبارڪ ۾ ڪو گناهہ ڪيو تہ الله پاڪ ان جي هڪ سال جا اعمال برباد فرمائي ڇڏيندو. (معجم اوسط ج 2، ص 414 حديث 3688، ملخصا)

(2) منهنجي امت ذليل ۽ رسوا نہ ٿيندي جيستائين اها ماهِ رمضان جو حق ادا ڪندي رهندي. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان جي حق کي ضايع ڪرڻ ۾ انهن جو ذليل ۽ رسوا ٿيڻ ڇا آهي؟ فرمايائون: ”هن مهيني ۾ انهن جو حرام ڪمن کي ڪرڻ، وري فرمايائون: جنهن هن مهيني ۾ زنا ڪئي يا شراب پيتو تہ اڳين رمضان تائين الله پاڪ ۽ جيترا آسماني ملائڪ آهن سڀ ان تي لعنت ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن اهو شخص ايندڙ رمضان کي ماڻڻ کان پهريان ئي مري ويو تہ ان وٽ ڪا اهڙي نيڪي نہ هوندي جيڪا ان کي جهنم جي باهہ کان بچائي سگهي. بس توهان ماهِ رمضان جي معاملي ۾ ڊڄو ڇو تہ جهڙي طرح هن مهيني ۾ ٻين مهينن جي مقابلي ۾ نيڪيون وڌي وينديون آهن اهڙي طرح گناهن جو بہ معاملو آهي. (معجم صغير، ج 9، ص 60، حديث 1488)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺي وجو! ماهِ رمضان جي ناقدري کان بچڻ جو خصوصيت سان اهتمام ڪيو. الله پاڪ جي رحمت کان

مايوس نہ ٿيو، رحمت جا دروازا کليل آھن، ٻاڏائي توبھ ڪري گناھن کان مڙي وڃو، نيڪ ۽ سنتن جو پابند بڻجڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي سنتن ڀري اجتماعن ۾ شرڪت ۽ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪي پنھنجو معمول بڻايو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. * سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ * روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل

   


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net